
# 2. وتايو فقير

وشنداس آءِ آسراڻي (1924-1989) ريلوي ۾ ملازمت ڪندي بہ ساهتيہ ۾ اڻٿڪ چاهہ رکندو هو. هن اٽڪل ٽيهارو ڪن سال ڪيترائي ليک، اسڪيچ ۽ سڪيادائڪ ٽوٽڪا لکي سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي خدمت ڪئي. خاص ڪري انوکن وشين يا وساريل ورقن تي قلم هلائيندو رهيو ۽ پنهنجي هڙان وڙان پستڪ ڇپائيندو رهيو. هن ليک ۾ سنڌ جي هڪ مشهور ڏند ڪٿائي شخصيت وتايي فقير جي جيون مان انوکا مگر سڪيادائڪ ٽوٽڪا ڏنل آهن.



اَسان جي سنڌ سڄوريءَ ۾ اَنيڪ مهان آتمائون، ساڌو سنت، درويش، المست، پريوءَ جا پيارا، اللهہ لوڪ، فقير، لاطمع ۽ مالڪ جي ڏنل مستيءَ ۾ مست مستانا ٿي گذريا آهن. اَهڙن السمتن مان وتايو فقير بہ هڪ آهي. سنڌ ۾ هيءُ شخص پنهنجن ٻالهين ۽ ٽوٽڪن ڪان مشهور آهي. هن جي هلت چلت اهڙي هوندي هئي جو ڪي ماڻهو چڙيو يا وري مست ڪري سمجهندا هئس.

ظاهر ۾ تہ وتائي، تعليم ڪين ورتي هئي، مگر مالڪ جي ڏنل مستيءَ ۾ اهڙو تہ مست رهندو هو جو وڏن وڏن عالمن کي بہ شهہ ڏيئي ويو. هن جي هرهڪ ٽوٽڪي ۾ عالماڻا گُفتا ۽ مطلب پريا نقطا سمايل هئا. هن کي هندو خواهہ مسلمان پائيندا هئا ۽ کيس سڪ مان سڏي ماني ڪارائيندا هئا. هو نڪو ڪنهن ڪان ڪو مال وٺندو هو ۽ نہ وري ڪا تمنا ئي رکندو هو. هن کي ويهڻ، رهڻ يا سمهڻ لاءِ ڪو هڪ نڪاڻو، جاءِ يا آستان ڪونہ هوندو هو. مرضي پويس تہ ڪنهن گهٽيءَ ۾ لٽو اوڙي سُمهي پوندو هو ۽ مرضي ٿيس تہ ڪيڏانهن گُمهڻ هليو ويندو هو. مطلب تہ رمتو جوڳي هوندو هو.

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن وڏيري جي شاديءَ تي فقيري لباس اوڙي پهتو تہ کيس دروازي تي ئي روڪيو ويو ۽ اندر وڃڻ ڪان کيس منع ڪئي ويئي. هِن ڇا ڪيو جو ترت وڃي ڪٿان اوُچا ڪپڙا وٺي پائي ڪري وري ساڳئي هنڌ آيو تہ کيس شان مان ۽ عزت سان اندر وٺي وڃي ويهاريو ويو ۽ شاديءَ ۾ تيار ٿيل سڀ طعام ڪاڏي

لاءِ آڻي ڏنا ويا. وتايو پاڻ کان اَڳ هٿ ۾ ڪاڏو ڪٽي ڪپڙن کي آڇيندي چوڻ لڳو. ”ڪائو، ڪائو، خوب ڪائو. اوهانجي ڪري مونکي بہ ڪائڻ لاءِ مليو آهي.“ تنهن تي ماڻهن پڇيس تہ ”اهو ڇا پيو ڪرين؟“ وتائي وراڻيو تہ ”هينئر ئي ٿورو اڳ غريباڻن ڪپڙن ۾ آيس تہ دروازي کان اَندر بہ گهڙڻ ڪونہ ڏنو ويو. پوءِ جڏهن وڃي هيءُ اُوچا ڪپڙا پاتا تہ شان مان سان اَندر آڻي هيءُ طعام ڏنا ويا آهن. تنهن لاءِ اِهي آڇيان بہ ڪپڙن کي ٿي پيو، جنهن ڪري هيءَ عزت ملي آهي!“

وتائي فقير جي ڏينهن ۾ راشن جو زمانو ڪين هو ۽ غريبن وٽ ڏوڪڙ ڪٿي، جو اَناج ميسر ڪري رکن. وتائي جي ماءُ بہ پورهيو ڪري پيٽي گذران ڪندي هئي. اَڻ ۽ ڇاڙهہ واري ڪار هين. هڪ ڏينهن وتائي فقير ٻاهران تڪڙو ايندي ماءُ کي چيو : ”امان، ڏاڍي بک لڳي آهي، ماني آڻ تہ کاوان.“ ماڻس چيو : ”اَبا! اَڄ تہ اَن جو داڻو بہ ڪونهي. پيسو ڏوڪڙ بہ ڪونهي جو بزار مان اَن وٺي اَچان. تون تہ سچو ڏينهن الله الله لڳائي وينو آهين. اَڄ ڏسان تہ تنهنجو الله ڪيئن ٿو اَسانجي پورت ڪري.“ فقير کان ڏوراپو سنو نہ ويو، سو سڌو رخ ڪيائين مسجد ڏانهن. اُتي گنبذ تي چڙهي ويو. پنو، مس ۽ قلم ڪٽي متي آسمان ڏانهن منهن ڪري چيائين : ”اللهہ سائين، اگر ڪٽو هجين تہ هٿ لکي ڏي....“ اچا ائين چيائين مس تہ مسجد ٻاهران ڪنهن ڪيس سڏ ڪيو، ڏسي تہ هڪ ماڻهو گڏه تي اَن جي ٻوڻ ڪنيو بينو آهي. جنهن ڪيس چيو تہ” هيءَ اَن جي ٻوڻ وڏيري تو لاءِ موڪلي آهي. “ اهو ڏسي فقير ڪلندي چيو : ”واهہ! رب واهہ! لکي نيٺ ڪونہ ڏنئہ، باقي اَن سو موڪلي ڏنئيہ.“

هڪ ڏينهن وتائي فقير اللهہ سائينءَ کان پئي دعا گهري. هٿ متي ڪٽي، سوال ڪندو، پوئتي تي هلندو ويو، پنيان هڪ کڏ هئي، سو اوچتو ئي اوچتو وڃي اُن ۾ ڪريو. وتائي ڪپڙا ڇنڊيندي، منهن متي ڪري چيو : ”اللهہ سائين! دعا نہ ٻڌين تہ نہ ٻڌ، پر ڏڪا تہ نہ ڏي؟“

وتائي فقير جا ٽوٽڪا ظاهري طرح اَسان کي کلائين ۽ وندرائين ٿا، پر جيڪڏهن اِنهن ٽوٽڪن ۾ اَسين اونهو ويندا سين تہ هرهڪ ٽوٽڪي مان سبق ۽ سکيا ملندي، جن ۾ اَصل راز سمايل آهي تہ اي اِنسان! تون هن سنسار ۾ آهين ايشوري اَمانت..... پر تون جڏهن اَمانت ۾ خيانت ٿو ڪرين تہ خود غرضيءَ جو غلام ٿو بڻجين ۽ پوءِ سڪ ۽ سچائي، سرت ۽ ساڃهہ، مُروت ۽ ماڻهپو، نيڪي ۽ ايمانداري تو وٽان موڪلائي وڃن ٿا. تون فقط پنهنجي پيٽ جي چوڌاري چڪر پيو ڏين. اِن لاءِ تون جيري خاطر ٻڪري ڪُهين ٿو. غريبن جا حق مارين ٿو. اِن بعد بہ تنهنجو لوڀ ۽ لالچ وڌندي رهي ٿي .... تنهن لاءِ اي انسان! تون خود غرضيءَ جي غلاظت کان پري رهہ ۽ اَمانت ۾ خيانت نہ ڪري اِنسانيت واري راهہ اختيار ڪر.

**نوان لفظ :**

سڳوري = سچي، سموري — لاطمع = اِڇا ڪانسواءِ — شهہ ڏيڻ = مات ڏيڻ، هارائڻ

مُروت = لحاظ — ميسر = موجود — عالماڻا = اوچا — خيانت= ٺڳي

جيري خاطر ٻڪري ڪُهڻ = پنهنجي ٿوري فاعدي لاءِ ٻين جو گهڻو نقصان ڪرڻ

## اَڀياس

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

(الف) وتائي فقير کي رمتو جوڳي ڇو ٿو چيو وڃي؟

(ب) وتائي فقير جي ٽوٽڪن ۾ ڪهڙو راز سمايل آهي؟

(ٻ) شاهوڪار جي شاديءَ تي وتائي فقير ڪهڙي ڳالهہ محسوس ڪئي؟

**سوال ۲ : هيٺيان جملا ڪنهن ڪنهنکي چيا آهن؟**

۱) ”ڪائو، ڪائو، خوب ڪائو، اَوهانجي ڪري مونکي بہ ڪائڻ لاءِ مليو آهي.“

۲) ” واهہ! رب واهہ!“

سوال ٣ : خال ڀريو .

١) وتائي فقير جي هلت چلت اَهڙي هوندي هئي جو ڪي ماڻهو کيس ........................ ڪري سمجهندا هئا.

٢) اللهہ سائين! دُعا نہ ٻڌين تہ نہ ٻڌُ ، پر ........................ تہ نہ ڏي

٣) لکي نيت ڪونہ ڏِنئِہ، باقي ........................ سو موڪلي ڏنئہ.

سوال ٤ : (الف) ضد لکو :-

مالڪ، اندر، عزت، دُعا، وڏو

(ب) صفتون ٺاهيو :-

مشهوري، شانُ، ڏينهن، اِيمان، مطلب

---

## پورڪ اَڀياس

١. تڪر تي عملي ڪم

وتائي فقير جا ٽوٽڪا ........................ راهہ اختيار ڪر.

(i) مناسب لفظ چوڪنڊن ۾ لکو :-

سبق ۾ [ ]   ←   وتائي فقير جا ٽوٽڪا   →   ڪلائين ۾ [ ]

(ii) برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي ليڪ ڏنل لفظ بدلايو.

(ڳجهہ، اَمانت، خود مطلبي)

(١) تون خود غرضيءَ جي غلاظت کان پري رهہ.

(٢) جن ۾ اصل راز سمايل آهي.

(iii) ’سِڪ ۽ سچائي‘ ساڳئي اَکر ’س‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ آهن. اَهڙا جوڙا ڳولهيو جيڪي ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ هجن.

(iv) اِنسان وتائي جي ٽوٽڪن مان گهڻو ڪجهہ سکي سگهي ٿو. اِن بابت پنهنجا ويچار لکو.

٢. وتائي فقير جو ٻيو ڪو قصو پڙهي، ڪلاس ۾ ٻڌايو.

C6LGB5